نور محمد ڦرڙو*

# محمد پناھ ڦرڙو جون ادبي خدمتون

# Literary Services of Muhammad Panah Phariro for Literature

**ABSTRACT:**

Muhammad Panah Phariro is one of the scholars dedicated their services for Sindhi Language and Sindhi Culture. He was Educationist, Philosopher and Writer having his own diction and style. Muhammad Panah was writer of seventeen (17) books out of which nine books have been published in his life time and remaining eight books are awaiting to be published. He also wrote more than one hundred research papers, out of which one hundred research papers have been published in various news papers, magazines and research journals.

Muhmmad Panah Phariro presented his M.Phil Research Thesis in the year 1988 at University of Sindh, Jamshoro under the supervision of Allama Ghulam Mustafa Qasmi on the title of "Sofi Mat jo Sindhi Adab te Asar."

The important services of Muhammad Panah are Hindi Sindhi Lughat, Sachal Encyclopedia, Haqeeqat-Muhammadi and Matan Abiat Hazrat Sultan Auliya Khawaja Muhammad Zaman.

Muhammad Panah Phariro was man of multidimensional personality, Scholar, Researcher, Writer, Poet and Social worker. He achieved about twelve awards due to his literary services.

سنڌ جي ڌرتيءَ اهڙي عظيم ٻوليءَ جي وارث ڌرتي آهي، جنهن جي خوشبوءِ ڪائنات جي ڪارڻي حضرت محمد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ ﷺ جن کي آئي هئي. ان جي دعائن جي طفيل سان هيءَ ڌرتي هميشه عالمن، فاضلن، محققن، شاعرن، سگهڙن، اديبن جي قلم سان هميشه علم و ادب ۾ سڀني کان اڳ ڀري ۽ تاريخي حيثيت واري رهندي آئي آهي.

اهڙن ڏاهن، مفڪرن، اديبن ۽ شاعرن مان هڪ محمد پناھ ڦرڙو ٻہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. محمد پناھ ڦرڙو جو جنم سنڌ جي ڳوٺ علي محمد ڦرڙو، تعلقو محرابپور، خانواهڻ ۽ ڪوٽڙي ڪبير جي وچ واري علائقي ديھ ديهات، ضلعي نوشهري فيروز ۾ محمد سليمان ڦرڙو جي گهر ۾ 10 فيبروري 1936ع تي ٿيو. سندس والد درگاھ لواري شريف جو پانڌيڙو ۽ عقيدتمند هو ۽ پنهنجي علائقي ۾ جماعت جو مُکُ مقرر ڪيل هو. جيڪو پنهنجي پٽ جي محبت ۾ اخبارون مختلف ڪتاب ۽ رسالا وٺي رکندو هو تہ منهنجي پٽ کي ڪم ايندا.

* ايم-فل ريسرچ اسڪالر، سنڌي شعبو، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپوور

سندس والده مائي سمل، جنهن کيس قرآن شريف پڙهايو هو، اها پنهنجي ڳوٺ ۾ سيني عورتن کي قرآن پاڪ جو درس ڏيندي هئي، جيڪا نيڪ نمازي تهجد گذار پڻ هوندي هئي، هڪ ڏينهن پنهنجي پياري پٽ کي چيو ته: ”پَنَلَ، مان توکي کڏهن به بنا وضوءَ جي ٿڃ نه ڏني هئي، ان ڪري منهنجي ٿڃ جو پرم ضرور رکجانءِ!“ جنهن تي عمل ڪندي هن علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي ۽ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

## تعليمي قابليت

1. محمد پناهه ڦرڙي بنيادي پرائمري تعليم1942ع ڳوٺ گاهي خان جلباڻيءَ مان حاصل ڪئي.
2. سنڌي فائنل 1950ع ”سنڌي شعبو“ ايڊيوڪيشن بورڊ سنڌ مان حاصل ڪئي.
3. سنڌي اديب 1958ع ”سنڌي شعبو“ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
4. سنڌي عالم 1959ع ”سنڌي شعبو“سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
5. سنڌي اديب فاضل 1967ع ”سنڌي شعبو“ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
6. بي.اي اڪنامڪس 1972ع سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
7. ايم. اي سنڌي 1975ع ”سنڌي شعبو“ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
8. ايم.فل 1988ع ”سنڌي شعبو“سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

## ڦرڙي صاحب جا خاص استاد:

1. ديني تعليم“قرآن پاڪ“ (سندس والده) مائي سمل.
2. ديني شرعي طريقتي تعليم، (سندس والد) محمد سليمان.
3. پرائمري تعليم، علي نواز ڪونڌر.
4. پرائمري تعليم، شمس الدين قاضي(مشهور شاعر حميد پارس جو والد).
5. سنڌي فائنل مضمون علم بدن ۽ دنيا جي جاگرافي، بچو مل (واٽيو).
6. ايم.فل(صوفي مت جو سنڌي ادب تي اثر)، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي.

## محمد پناهه ڦرڙي پاران پاس ڪيل امتحان.

1. هڪ سال جي.وي (J.V) ٽريننگ 1960ع منياڻي
2. ٻه سال ايس.وي (S.V) ٽريننگ 1961ع منياڻي
3. سنڌي ٽائپ رائيٽر 1965ع ايڊيوڪيشن بورڊ سنڌ

جيئن ته مٿي سندس تعليمي قابليت جو ذڪر ڪيو آهي، هتي اهو به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته صاحب موصوف هڪ سنو حڪيم به هو. پاڻ ان

سلسلي ۾ هوميو پيٿڪ ڊاڪٽريءَ جو ڪورس آڪسفورڊ ڪاليج لاهور مان 1978ع ۾ وڏي شوق ۽ چاهه سان ڪيو هئائين.

## علمي ادبي خدمتون:

1. پرائمري استاد 1951ع کان 1985ع تائين.
2. ڊائريڪٽر الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي محمد ڪبير 1985ع کان 1995ع تائين.
3. ميمبر سنڌي ادبي سنگت ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت 1975ع (خانواهڻ شاخ).
4. ڪارڪن سنڌي ڊڪشنري، لوڪ ادب اسڪيم سنڌ يونيورسٽي.
5. ميمبر هسٽاريڪل سوسائٽي ضلعو نواب شاهه.
6. ميمبر سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ.
7. ميمبر سينيئر نشات جماعت درگاهه لواري شريف ضلعو بدين 2014ع کان فيبروري 2017ع تائين.
8. ميمبر مئنيجنگ ڪاميٽي درگاهه لواري شريف ضلعو بدين (تاحيات).

## محمد پناهه ڦرڙي جا ڇپيل ڪتاب:

1 امواج محمدي1981ع (محمد فقير جي سوانح ۽ ڪلام) صوفي اڪيڊمي، ڳوٺ علي محمد ڦرڙو.
2 لواريءَ جا لال (اضافي تحقيق، سوانح حيات) سيپٽمبر 1983ع لواري شريف مئنيجنگ ڪميٽي.
3 پير بادشاهه لواري شريف سوانح حيات (عرس انون) 1990ع نشات پبليڪيشن قاضي احمد ضلعو نوابشاهه.
4 پير بادشاهه (پاڳو ڌهون) 1992ع مئنيجنگ ڪميٽي لواري شريف.
5 گلدستہ لواري شريف (مختلف اديبن جا مقالا) نوجوان اتحاد جماعت لواري شريف.
6 راحمي بادشاهه- (پير لواري) پاڳو چوٿون (سوانح حيات پير فيض محمد نقشبندي) 1999ع حضرت سلطان اولياء فائونڊيشن (رجسٽرڊ).
7 سووينيئر سيمينار سلطان اولياءُ ناجيہ شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف.

8 ڀارت ياترا (سفر نامو) 2001ع الڪبير اڪيڊمي، ڪوٽڙي محمد ڪبير.

9 هندي- سنڌي ڊڪشنري 2007ع سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.

10 ساليانو رپورٽ 1960ع اخبار تعليم ٽريننگ ڪاليج منياڻي.

11 ٻڪريءَ تي تحقيقي مضمون جنوري 1960ع (ڦريون نمبر آيل) ڳوٺ سڌار ماهوار حيدرآباد.

12 سچل سرمست آشڪارا ۾ تحقيقي مقالو

13 ناچڻي 1978ع "نجم عباسي" جي ڪتاب تي لکيل تاثرات.

ان کان علاوه مختلف رسالن اخبارن ۾ 100 کن ڇپيل مقالا ۽ مختلف مضمون وغيره.

## اڻ ڇپيل ڪتاب:

1 ملفوظات سلطان اولياء خواجه محمد زمان (تصوف).

2 ابيات سنڌي، سلطان اولياء خواجه محمد زمان (تحقيقي شرح) بايوڊيٽا (قلمي نسخو) محمد پناهه ڦرڙو.

3 صوفي مت جو سنڌي ادب تي اثر (ايم.فل مقالو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو).

4 حقيقت محمدين (تحقيق).

5 بياض پناهه/ پناهه جي شاعري/ پناهه ڏانهن پيغام (مڪتوبات).

6 سچل انسائيڪلوپيڊيا ڪلام ۾ ڪم آيل اِسمن جو ذڪر.

7 تاريخ لواري شريف (تحقيق).

8 شاعرانِ لواري شريف (حضرت سلطان اولياء کان موجوده دور تائين.

## ادبي خدمتن تي مليل ايوارڊ:

1 صدارتي ايوارڊ: 1987ع، اديبن جي اڪيڊمي اسلام آباد (ليکڪن جو اجتماع اسلام آباد).

2 سنڌي ٻولي ايوارڊ 1999ع جئپور ايوارڊ ڀارت (شاعرن جو اجتماع).

3 سنڌي اڪيڊمي ايوارڊ 1999ع شاهه سچل سيمينار ڀارت دهلي.

4 اجميري ايوارڊ 1999ع اجمير ڀارت ۾ (شاعرن جو اجتماع).

5 مصري شاهه ايوارڊ: نصرپور (مصري شاهه جي عرس جي موقعي تي).

6 ڀٽائي ايوارڊ: شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي.

7 دادا ڀائي ايوارڊ 1986ع ڪراچي انٽرنيشنل سيمينار سلطان اولياء.

8 ٻه حمل ايوارڊ: 90-1991ع، حمل فقير جي عرس تي ٻه ڀيرا.

9 تصوف جي تحريرن تي شيلڊ: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

10 لائف ٽائيم ايوارڊ 2016ع نشات تنظيم جماعت لواري شريف قاضي احمد.

11 ڀاراڻي ادب تي مليل انعام 1960ع سنڌي ادبي بورڊ.

12 سنڌيانا تي ڪيل ڪم تي انعام 2007ع سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

13 سنڌي لغت ۽ لوڪ ادب تي مليل انعام: 2007ع، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

محمد پناهه جو وصال 08 فيبروري 2017ع مطابق 10 جمادي الاول 1438 هه اربع جي ڏينهن 02:15 بجي منجهند جو گمبٽ جي سرڪاري اسپتال (دل واري وارڊ ۾ ٿيو) سندس عمر 81 سال 02 ڏينهن هئي. ڪيس صوفي محمد فقير ڦرڙو جي درگاهه جي احاطي ۾ دفنايو ويو.

## ڇپيل ڪتابن/ مقالن تي هڪ نظر:

### 1. امواج محمدي (1981ع):

هي ننڍڙو ڪتابچو صوفي محمد فقير ڦرڙي جي صوفيانه ڪلام ۽ سوانح حيات تي مبني آهي، هن ڪتاب ۾ هڪ حڪايت ڏنل آهي جنهن ۾ ”تصوف بابت بهترين انداز سان سمجهاڻي ڏنل آهي. ان ڪان علاوه ڦرڙا ذات جو ڪلهوڙا ڀاڙي جي هجڻ جو پڻ ذڪر آهي“. (1)

صوفي فقير، قادري سلسلي سان واڳيل درگاهه همايون جي مفتي عبدالغفور همايون جو مريد آهي. ان ڪان علاوه هن ڪتاب ۾ اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جنهن آباد ڪيو هو. ان کي ڇهه پٽ هئا، جنهن مان محمد سليمان ڪتاب جي مصنف جو پيءُ نندي ۾ ننڍو پٽ هو. هن ڪتاب ۾ 100 ڪن ڪافيون ڏنل آهن جنهن ۾ ڪجهه سرائڪي ڪافيون پڻ آهن.

### 2. لواريءَ جا لال ياڳوپيو:

هي ڪتاب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي لواريءَ جي لال جي ڏنل چئن گادي نشينن جي مفصل احوال ڪان پوءِ باقي رهيل مواد تي مصنف لکيو آهي. جنهن ۾ لواري شريف جي چئن گادي نشينن جو مختصر احوال ۽ باقي ٽن گادي نشينن جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. تاريخي ۽ قديمي حيثيت سان گڏو گڏ درگاهه تي لڳندڙ الزامن بابت مواد ڏنل آهي. خاص طور تي 09 ذوالحج تي ٿيندڙ اجتماع، جنهن کي جڙتو حج جو نالو ڏنو ويو!! ان بابت وضاحت ٿيل آهي ته: ڇا اتي حج ٿيندو آهي؟ يا سراسر بهتان (الزام تراشي) آهي. ان ڪان علاوه خواجه محمد سعيد مڪيءَ جي شاعري پڻ ڏنل آهي.

### 3. هندي_سنڌي لغت:

هيءَ لغت هندي اردو لغت جي تحت لکي وئي آهي جنهن کي 2007ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ شايع ڪيو، جيڪا الف-ب تحت آهي هن لغت ۾ اٽڪل ويهه هزار لفظ انهن جون معنائون ڏنل آهن. هن لغت جي ترتيب ۾ رسم الخط عربي-سنڌيءَ واري رکيل آهي، ان کان علاوه هندي لفظن ۾ اصطلاحن تي وڌي محنت ڪيل آهي. هن لغت تي تاج جويو لکي ٿو تہ: ”هيءَ لغت هندي-انگريزي لغت جي بر عڪس هندي-اردو لغت واري ترتيب سان تيار ڪيل آهي. ان ڪري ان جي ترتيب عام سنڌي لغتن واري آهي، اصل هندي الف-ب ترتيب واري جامع هندي- سنڌي لغت وقت جي ضرورت آهي، جنهن طرف اميد تہ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي انتظاميہ ضرور ڌيان ڏيندي. عام سنڌي پڙهندڙ کي هن لغت مان ضرور لاڀ ملندو ۽ پورهيت جو پورهيو سجايو ٿيندو“. (2)

### 4. گلدستہ لواري شريف:

هي ڪتاب محمد پناه ڦرڙي جو لکيل ڪتاب نوجوان اتحاد جماعت لواري شريف 1982ع ۾ شايع ڪيو جنهن ۾ 161 صفحہ آهن. هي ڪتاب حضرت سلطان اولياء خواجہ محمد زمان جن جي 207 سالہ ۽ 208 سالہ عرس شريف جي تقريبات ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس جي ڪارگزاريءَ تي مشتمل آهي هن ڪتاب ۾ مولانا غلام محمد گرامي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، قادر بخش زيب پٽي، نياز همايوني، انور هالائي، عبدالڪريم ٽالپر، الف ميم چندواڻي، مير محمد پيرزادو، شرف الدين عباسي ۽ نسرين آزاد حضرت سلطان اولياءُ خواجہ محمد زمان جن جي فڪر ۽ فن بابت خيالن جو اظهارڪيو آهي.

### 5. حضرت پير بادشاهہ گل حسن صديقي نقشبندي قدس سره ستون سجاده نشين درگاهہ لواري شريف:

ڦرڙي محمد پناهہ جو هي لکيل ڪتاب 1990ع ۾ نشات پبليڪيشن قاضي احمد ضلعي نوابشاهہ طرفان شايع ڪيو ويو. هي ڪتاب 92 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ تصويرون ۽ خط پٽ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ ”درگاهہ جي ٻين سجاده نشين پير گل حسن، ڪُل حسن ۽ جُل حسن جي نالن سان سڏيو ويندو هو، سندن لقبن ۾ پير لواري شريف، بادشاهہ ڪريم، وڏل سردار(ولي عهد) ڪري سڏيندا هئا“. (3)

پاڻ سلسلہ طريقت نقشبندي جي 34 هين ڪڙي آهن. سندن والد پير احمد زمان جن هئا. پير صاحب جي ولادت 13 شعبان1227ھ بروز آچر شام جو وڏي

ڪوٽ لواري شريف جي اندر رتن محل ۾ ٿي. جنهن جو ذڪر مهر ڪاڇيلوي پنهنجي مشهور ڪتاب (تذڪره مشائخ لواري شريف) پهرين اردو ايڊيشن ۾ ڪيو آهي.

مصنف هن ڪتاب ۾ پير صاحب جو حسب نسب، تعليم، تربيت، مريدن جو احوال، درگاهه تي لڳندڙ 09-10 ذوالحج جي الزامن تي پير صاحب جي ترديدن سان گڏوگڏ پير صاحب جو عام جماعت وارن کي پڙهڻ لاءِ ڏنل تعليم جي سلسلي ۾ ڪيل ڪوششن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان پير صاحب جي عام طور تي پيرن کي جيڪو سنڌ اندر تعليم دشمن سڏيو ويندو آهي، ان جي پوري خبر پوي ٿي ته پير صاحب تعليم دوست هو ۽ هيءَ درگاهه هميشه علم و ادب جو مرڪز رهي آهي. پير صاحب فرمائيندا هئا ته "اسان کي گهڻو خيال آهي ته جماعت لواري شريف جي مردن ۽ عورتن کي موجوده زماني جي تعليم کان واقف ڪيو وڃي." (4)

پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياريو، انهن کي پڙهايو خاص طور تي نياڻين کي ضرور تعليم ڏياريو.مردن کان وڌيڪ عورتن کي تعليم جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ عورت پڙهي پئي جڻ سجو گهر پڙهي پيو پير بادشاهه (جلد ائين ۾)، پير صاحب جي ڪيل سير و سفر جو پڻ سنو ذڪر آهي. هن ڪتاب مان پير صاحب ۽ درگاهه جي سني ڄاڻ ملي ٿي، خاص طور تي تصوف جي حوالي سان هن درگاهه جي وڏي خدمت آهي.

**مقالا:**

**1. حضرت سلطان اولياءَ جي تاريخي اهميت:**

(04 ذوالقعد 1401هه سجڻ ڏنو جن رسالو نوجوان اتحاد لواري شريف) تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هي دور 1125هه کان 1188هه برابر 1713ع کان 1975ع جو دؤر آهي. هن وقت ۾ سنڌ جي اندر ڪيترائي واقعا رونما ٿيا، جن جو واديءِ مهراڻ جي رهواسين تي تمام گهڻو اثر ٿيو. 1718ع ۾ جهوڪ وارو سانحو 1739ع ۾ نادر شاهه جو حملو، 1744ع کان رجعت پرست عالمن جو غير مذهبن کي زوري مسلمان بڻائڻ تائين وڏي. "هن زماني ۾ سنڌڙي جي اندر اولاد ازم شخصيتون جيڪي به نظر اچن ٿيون تن سيني سڌو يا اڻ سڌو اثر سلطان اولياءَ جو قبول ڪيو آهي. پڻ ان کان فيص حاصل ڪيو آهي. تن مان مکيه بزرگن جا نالا هت ڏجن ٿا. سنڌ جو قومي شاعر پٺائي، پلارو سنڌ جو جيد عالم شهيد عبدالرحيم گرهوڙي، سنڌ جو مفتي اعظم قاضي احمد دمائي، مخدوم ضياءُالدين ٺٽوي، خواجه ابراهيم ساند مصنف "مقولات تصوف" بنگو فقير

گوپانگ سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ جو شاعر، ابوطالب اگهمي، حافظ هدايت الله، غلام مهتديٰ علي شاهه لڪوي، سنڌ جو حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙو، ميان سرفراز ۽ ٻيا ڪيترائي سندن جي فيض سان فيضياب ٿيا. تصوف جي دنيا ۾ڪٿي ۽ ڪڏهن به اهڙو مثال نه ٿو ملي ته ڪو غيرمذهب ڪنهن مسلمان صوفيءَ جو مريد ٿيو هجي مگر سلطان اولياءَ وٽ غير مذهب جو اچي طريقت ۾ داخل ٿيڻ ثابت آهي". (5)

هن ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي شيخ اياز 1976ع ۾ بدين ثقافتي ميلي ۾ صدارتي خطاب ڪندي حضرت سلطان اولياءَ جو هينيون بيت پڙهندي چيو ته

ڪپيريان اوري رهي، ڪ ٻـڌ ٻڌائون
اتان ئـــي آئون، رهـــي آيس راتڙي.

(سلطان اولياءَ). (6)

حضرت سلطان اولياءَ جن جي شخصيت اهڙي مقام تي نظر اچي ٿي، اتي ڪنهن بشر جي رسائي غير يقيني پئي لڳي. شهيد عبدالرحيم گرهوڙي شروع ۾ سندن مخالف هو پر ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ ڪين جي اڪين تان اولا لهي پيا ۽ مريد ٿي هميشه هيئن چوندو هو:

"اي وجودي هردو عالم شمس گيتي بيگمان
گاهه آدم گاهه احمـــد گه بور محمـــد زمان"

(7)

حضرت ميان قاضي احمد دمائي وقت جو مفتي اعظم هو، حج تي ويندي لواري شريف کان ويندي حضرت سلطان اولياءَ سان مليو. جنهن ڪيس فرمايو ته حج تي اهڙو ٿي وڃجي جو اڳيان سڃاڻ ٿئي، اهي لفظ ٻڌي قاضي احمد حج جو ارادو لاهي ويهي رهيا. حضرت جن ٽن ڏينهن جي قليل عرصي ۾ ميان قاضي احمد کي رچائي ريٽو ڪري، حج تي وڃڻ جي اجازت ڏني. سندن والد حضرت شيخ حاجي عبداللطيف رحه پنهنجي پٽن کي خواجه ابوالقاسم ۽ خواجه فيض الله جو ٻڌايل پيشنگويون حضرت سلطان اولياءَ بابت ٻڌائيندا هئا. جيڪي سندس جا پائر سندس سان ساڙ ۽ حسد ڪنداهئا، جنهن تي حسنين علي شاهه مصنف ڪتاب ""لطيف التحقيق"" نامرادن کي ڏاڍو سمجهايو پر هو باز نه آيا.

حضرت جن جي ڪلام ابيات ۽ اقوال جي عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شهيد گرهوڙي اها عربي زبان ۾ ترجمو ڪري ابيات سنڌي جي نالي سان لکي ۽ ملفوظات جي شرح فتح الفضل رکيائين. گرهوڙي فتح الفضل شرح کي فارسي زبان ۾ خواجه گل محمد قدس سره، سلطان اولياءَ جي فرزند "الورد محمدي" 446 اقوال مان 243 اقوال لکي انهن جو تفصير ڪيو هئائون.

جنهن کي وري سيد نور علي شاھ لکوي "تڪمل الورد المحمدي" جي نالي سان لکي پورو ڪيو". (8)

ابيات سنڌي کي ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي سنڌي ۾ ان جو ترجمو ڪيو مصنف جي استاد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب فتح الفضل ۽ الوردالمحمدي جي اهميت کي محسوس ڪندي ان جو ترجمو ڪيو. ڊاڪٽر اينيمري شمل فتح الفضل ڪتاب کي ڏسندي ساراھ جا ڍڪ ڀريا. حضرت جن جو ڪلام جهڙو چار صديون اڳ انساني رهنمائي لاءِ ضروري هو، تهڙو اڄ بہ ڪافي شافي نظر اچي ٿو. جنهن مان سندن تاريخي حيثيت واضح نظر اچي ٿي.

**2. لواري شريف جو نقشبنديہ طريقي جي ترويج ۾ ڪردار** (**رسالو مجلہ** 1995 ع ص 52_ 49)

هن ۾ نقشبندي طريقي کي پهرين خواجگان ۽ پوءِ نقشبنديہ ڏيکاريو ويو آهي. جنهن لاءِ درگاھ جي پنجين سجاده نشين حضرت خواجہ محمد سعيد امام الاولياء جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي امانت آنحضرتﷺ جن کان عطا ٿيل ڏيکاري آهي.

اي خدا! با حرمت ميرمحمدن الرسول
ابوبڪر، سلمان قاسم جعفر آل بتول
بو يزيدو بوالحسن هم بو علي يوسف نظير
عبدالخالق عارف و محمد علي بابا و مير
هم بهاۀالدين يعقوب و عبيد الله امام
زاهدو درويش ام ڪنگي و باقي همام
احمدو پورش سعيدو وحدت شاھ حنيف
هم ذڪي و حاجي و صاحب لواري منيف
گل محمد هم محمدن الزمان و هم حسن
ڪن زاشيان و بالشان و سعيد بالمنن

(9)

نقشبندي سلسلي جي ابتدا 11 هين هجري صديءَ ۾ ٿي، جيڪا ٻين سيني طريقن کان پوءِ ٿي. خاص طور تي خواجہ محمد باقي باالله بيرنگ قدس سره دهلوي کان ٿي ۽ گهڻي تقويت حضرت خواجہ احمد سرهندي (مجدا الف ثاني) امام رباني قدس سره کان ملي. سنڌ اندر هن سلسلي جو پهريون داعي مخدوم آدم ٺٽوي هو، جنهن جو خليفو خواجہ ابو القاسم قدس سره هو جنهن کي ثاني نقشبند چيو ويو. جنهن پنهنجي خلافت خواجہ ابوالمساڪين حاجي

محمد نئوي صديقي بن خواجہ محمد اشرف بن مخدوم آدم نئويءَ جي حوالي ڪئي ۽ خواجہ ابوالمساڪين وري پنهنجي هٿ درگاهہ لواري شريف جي پهرين سجاده نشين خواجہ محمد زمان قدس سره کي ڏني.

نقشبندي سلسلي جي ترويج ۾ درگاهہ لواري شريف جي ڪردار تي علامہ محمد شفيع اوڪاڙوي رحمت الله عليه جي تحقيق موجب "درگاهہ لواري شريف جي هڪڙي خليفي حضرت خواجہ قاضي احمد دمائي رح جي ناطي سان برصغير ۾ سيد حسين شاهہ ضلعو گرداسپور هندستان ۾ فيض عام ڪيو جنهن جي فيض سان (360) خليفا ٿيا". (10)

جن ۾ رَتَڙ، چِٽَڙ پارت، الور پارت، دهلي پارت، امرتسر پارت، شرقپور، ڪرمان والي، ڪليان والي کان علاوه خواجہ ابو طالب (عرف ميل وارو سائين) آگهمي کان خواجہ مير محمد مدني فيضياب ٿيو ۽ شام ۾ لواري شريف نالي خانقاهہ قائم ڪيائين. مقصد تہ هي درگاه اڄ بہ نقشبندي سلسلي جي هڪ سٺي درسگاهہ آهي.

**3. حمل فقير ابن عربي جي فڪر جو شارح:**

(پيغام لواريہ ص 33-30 شمارو29 آڪٽوبر-ڊسمبر 2014)

خواجہ محي الدين ابن العربي جي فلسفي وحدت الوجود بابت ڪتاب فصوص الحڪم جيڪو عربيءَ ۾ لکيل آهي، ان جي شرح حمل فقير منظوم سنڌي زبان ۾ شرح ڪئي آهي جيڪا صحيفہ ۽ قادري جي نالي سان ڪيو آهي.

جيئن تہ خواجہ ابن عربي جو طريقو قادري ۽ حمل فقير جو طريقو نقشبندي سلسلي طريقت درگاهہ لواري شريف سان آهي. حمل فقير چوٿين درگاه جي سجاده نشين حضرت خواجہ محمد حسن مدني قدس سره سان واڳيل آهي. ابن عربي وحدت الوجود جي نظرئي جو باني آهي. جڏهن تہ حمل فقير نقشبندي امام رباني جي وحدت الشهود جي نظريي جو پوئلڳ آهي. ابن عربي ڇهين ۽ ستين صدي هجريءَ جو آهي حمل فقير جو دؤر تيرهن صدي هجريءَ جو آهي.

فصوص الحڪم جون عربي ۾ پنج فارسي ۽ اردو ۾ ٽي،ٽي شرحون آهن ۽ سنڌي ٻولي ۾ صرف هڪ شرح حمل فقير لغاري ڪئي آهي. جيڪا پنهنجي مرشد جي حڪم پٽاندر لکي جنهن تي ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: حمل فقير نقشبندي ۽ قادري طريقن جي ذڪر اذڪار جي تشريح ۾ بہ صحيفا منظوم ڪيا آهن، جي سندس تصوف جي ڄاڻ جي ساک پرين ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. (ڪليات حمل ص 08)

مضمون نگار حمل فقير جي علم بابت لکي ٿو ته ڪتاب ۾ آيل ماڳ، مڪان لطائف، لاڙا اشارا ۽ ڪنايا صحيفه قادري حمل فقير ڪولي بيان ڪيا آهن. منجهس بهترين جاڻ آهي. سندس مطالعو ۽ مشاهدو وسيع نظر اچي ٿو، حمل فقير ڪان پوءِ اهڙو ڪم نه اڳ ۾ ڪنهن ڪيو آهي ۽ نڪي حمل فقير ڪان پوءِ ڪنهن لکيو آهي. مطلب ته هي ڪتاب هڪ اعليٰ شاهڪار آهي جيڪو حمل فقير لکيو آهي.

**بياض پناهه:**

محمد پناهه ڦرڙو هڪ گمنام شاعر هو، سندس شاعري تمام پلي، رواني، تسلسل واري، سٺي معياري آهي. پر پاڻ شاعري ڪان وڏيڪ تحقيق تي توجهه ڏنو هئائين، اسان سندس شاعري جا ڪجهه اسم هيٺ پيش ڪيون ٿا.
پنهنجي مرشد سلطان اولياءَ جي بيت،

سجڻ ڏنو جن تن ڏسڻ غير گناه
جنين لڌي راهه، ويهڻ تنين وهه ٿيو.

مان متاثر ٿي هيئن لکي ٿو (سندس ڪجهه مختصر شعر ڏجن ٿا)

سجڻ ڏنو جن، سي نسورو ئي نور
لکل رهن ڪينڪي، ملڪن ۾ مشهور
غير انهن ڪان دور، صاف اهي صوفي ٿيا.
سجڻ ڏنو جن، تن ڪيو غير غرق
حق ناحق وچ ۾، آهن سي فرق
هو حقي آهن حق، دنيا جي هر دؤر ۾.
سجڻ ڏنو جن سي ئي سجڻ بڻيا
مانجهن مٿيرن ڪي، مٿي منجهه مٽيا
واحد ڪي وٽيا، جن جيءُ جتو پاڪ ڪيو.
سجڻ ڏنو جن سي ويهي ڪيئن رهن
هو هيڪلاءِ هلن برن بازارن ۾
جتي لڌي راهه، سي راضي منجهه رضيا
ڪچن پچن ڪينڪي جيئري ئي مئا
حرص هبچ ۽ لوڀ جي اڻ تڻ تن نه آ
سدا سي سرهاء ڪم تنين جو ڪين سين. (11)

معلم کي مخاطب ٿيندي هن غزل ۾ هيئن چوي ٿو:

چا پڙهائيندين معلم مان پڙهي موتيو آهيان،

جي گلا جا گير گھٽ، تن مان چڙهـــي موتيــــو آهيان.
ڇا پڙهائـــڻ ٿو سيڪاريـن مون کي تون نفل- نماز،
محتســـب تون ٻڌ! فرض پورا پڙهـي موتيو آهيان.
باھ جا ڍڄ ڍاھ تن کـي ڏي، نہ جن آهـــي ڏنـــي،
آءٌ تہ ڪورن ٻنن مان پچري ڪڙهي موتيــو آهيــان
دار جا دڙڪا نہ ڏي اي قاضِيا مون کـــي کـــڏهن
دار تنهنجـي کي تہ ناهي مان چڙهـــي موتيو آهيان
عقلمندن مستن مٿي کھڙيون مياروڻ ٿيون نهـــن
پاڻ پنهنجـــي پاڻ سان ڏاڍو وڙهـــي موتيو آهيـان
جنهن جي دامن ۾ آهي هٿ ســو ڏيندو ساقي "پناھ"
ميڪده مان اڄ پريل مٽ پـي چڙهـي موتيـو آهيان.

(12)

ڏاهَن جي عظمت ۾ انهن جي سبقن تي عمل ڪرڻ تي فتح ٿيڻ جو ڏس ڦرڙو صاحب هيئن ڏئي ٿو:

ڏاهن جو ڏس ڏاها ڏيندا ڳاهون ڳالهيون تن جون ڏسيندا
پاڻ بہ نهندا ٻيـن کي ناهينـــــدا، رايا سجايا ٿينـــــدا
وڻ وڻ ڪانـــي گڏجي سڏجي، ڏيھ ڏجڻ تي ڪڙڪائيندا
فتح مقدر منهجـــو لکيل آ، هوڪـــا ڏيندا هوڪـــاريندا

(13)

سجاڳيءَ تي سجاڳ ڪندي ۾ وقت جي قدر لاءِ هوشيار ڪندي چوي ٿو تہ،

روح مانجهان للڪار اچي پئـــي جاڳو يار جاڳايـــو،
جاڳڻ ريءَ ڪين ڪي ورندو پنهنجـو پاڻ ملهايـــو،
ننـڊ ندوري جنهن کي گهيريو، غفلت تنهن گنوايـو،
باک ڦٽ تـــي ڪيتـرو سماءُ، چون ٿا وقت وڃايـو.(14)

سندس آخري ايامن ۾ سندس کھڙي پد تي پهتل هيو اهو سندس هيئين

آزاد نظم مان بخوبي لڳائي سگجي ٿو.

”ازم“
مان آهيان جوان!
پلي ڏند ڪرن،
وار اچا ٿين،
هلڻ ۾ اگر پير گهلجن!
پلي ماٺهون چون پيرسن،
مجان ڪين هرگز،
مان آهيان جوان!
اٺڻ سان گوڏا ٺڙ، ٺڙ ڪن،
پلي هڏڙا ڪبا ٿي وڃن،
لگن ۾ گهنج پئجي وڃن،
مجان ڪين هرگز،
مان آهيان جوان! (15)

**نتيجو:**

محمد پناهه ڦرڙو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، هڪ ئي وقت بهترين استاد هجڻ سان گڏوگڏ ڳوٺ جو چڱو مڙس هو، وحدانيت جو پرچارڪ، صوفي ازم جو متوالو، محقق ۽ بهترين شاعر سان گڏو گڏ سماجي ڪارڪن به هو، هو مسڪين گهراڻي جو فرد هوندي به دل جو امير شخص هو، جنهنجي ڏات ۽ ڏانءُ. هو هردلعزيز شخصيت جو مالڪ هو جيڪو اڪثر طور تي علمي حلقن ۾ مشهور هيو. سندس ڪافي علمي ۽ تحقيقي ڪم ٿيل آهي جنهن کي منظر عام تي آڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان لاءِ جيترو ڪم ڪجي گهٽ آهي. پاڻ هڪ حوصلو ڏيندڙ ۽ رڪندڙ شخصيت هو.

**حوالا:**


1. ڦرڙو، محمد پناهه، امواج محمدي، ڳوٺ علي محمد ڦرڙو، صوفي اڪيدمي، 1981ع ص 3.
2. ڦرڙو، محمد پناهه، هندي- سنڌي لغت، حيدر آباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2007ع (تعارف تاج جويو).
3. ڦرڙو، محمد پناهه، پير بادشاهه لواري شريف انون عرس، قاضي احمد، نشات پبليڪيشن، 21 جون 1990، ص 14.
4. ساڳيو ص: 88.

5. عباسي، تنوير، شاھ لطيف جي شاعري، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 2000ع، ص 65.
6. شيخ، محمد سومار، بدين (ڪتاب جو نالو)، حيدرآباد، مهراڻ آرٽ ڪائونسل لطيف آباد، 1979ع، ص 7.
7. جتوئي، علي نواز، پروفيسر، شهيد گروهڙي صاحب جو سنڌي ڪلام، آگسٽ 1984ع، ص 9.
8. قاسمي، غلام مصطفيٰ،علامه، فتح الفضل (شهيد عبدالرحيم گروهڙي جي ڪتاب جو ترجمو)،
حيدرآباد، ناليج اداره، 2006ع، (مهاڳ مان).
9. ناشر، نقشبندي، فيض محمد، پير، ديوان سعيد (خواجه محمد سعيد جي فارسي ڪلام جو سنڌي ۾ ترجمو)، 1989ع، ص 102.
10. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ماھ نام الرحيم، حيدرآباد، شاھ ولي الله اڪيدمي، 1971ع، ص 23.
11. ڦرڙو، محمد پناھ، بياض پناھ (قلمي نسخو)، ص 76.
12. ساڳيو ، ص: 79.
13. ساڳيو ، ص: 84.
14. ساڳيو ، ص: 84.
15. ساڳيو ، ص: 95.